# راز

مني ۽ منير جا ماءُ پيءُ ٻئي پنهنجي پنهنجي آفيس ويل هئا. ڏاڏو پنهنجي ڪمري ۾ هو ۽ منير اسڪول جو ڪم ڪري رهيو هو.

ايتري دير ۾ منو جيڪو ٻاهر کيڏي رهيو هو، پنهنجي هٿ ترڻيءَ تي ڪا شئي کڻي منير کي ڏيکارڻ آيو، ”ادا هي ڏس، مونکي مٽي مان هيءُ ڇا مليو آهي!‘

’اڙي منا، هي ته سڄو ڪچري سان ڀريل آهي، تون ان کي اندر ڇو کڻي آيو آهين.“

پر هي آهي ڇا؟‘

”بس هي هڪ ٻج آهي ٻيو ڇاهي، وڃ ان کي ٻاهر اڇلائي اچ‘ منير ٿورو چڙندي جواب ڏنو.

”نه مان ته ان کي ڦِٽو ڪونه ڪندس.“ مني جواب ڏنو.

”نه ڦٽو ڪندين ته مان امان کي ٻڌائيندس“ منير، مني کي ديڄاريندي چيو

منو پنهنجي ڳاله تي اڙي ٻڌي بيهي رهيو، ”نه مان ان کي ڪونه اڇلائيندس، هرگز ڪونه اڇلائيندس، هي منهنجوٻج آهي“ اهوچوندي هو ڏاڏي جي ڪمري ۾ هليو ويو.

ڏاڏي پڇيس ”ڇا ٿيو؟ توهان ٻئي وڙهو ڇو پيا؟“

مني جواب ڏنو ”مون کي هي ايڏو سٺو ٻج مٽي مان مليو آهي ۽ ادا چئي ٿو ته ان کي اڇلائي ڇڏ، پر مان ته هرگزڪونه اڇلائيندس.“

”چڱو تون ڀلي نه اڇلائجان، پر مونکي ته اهو سٺو ٻج ڏيکار“ مني هڪدم پنهنجي مٺ کوليندي ڏاڏي کي پنهنجو خزانو ڏيکاريو.

ڏاڏي اهو ٻج ڏسندي مرڪيو ۽ چيائين ته ” تون ان کي منهنجي ميز جي خاني ۾ لڪائي ڇڏ، اهو تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ راز آهي ۽ اهو اسان ڪنهن کي به نه ٻڌائينداسين.“

ڏاڏو ليکڪ هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن شاعري پڻ ڪندو هو، سو هن ان ٻج تي هڪ نظم لکيو

ٻج

هي آهي ننڍڙو هڪڙو ٻج
جنهن مان نڪتو وڻ
وڻ مان مليو ڪاٺ
ڪاٺ مان ٺهيو ڪاغذ
ان مان ٺهيا پنا
پنن تي ليکڪ خوب لکيو
پنن ڪيترائي ڪتاب ٺاهيا
جيڪي توهان پڙهيا ۽ اسان پڙهيا
ڪتابن مان اسان پرايو گهڻو
ڪير ٿو چئي ته
ٻج آهي ننڍڙي خراب شئي!
ان کي اڇلائي ڇڏ''
۽ پوءِ ڏاڍي ۽ مني انهي ٻج کي دري جي سامهون زمين ۾ پوکي ڇڏيو.
ٻارو هاڻي اهو توهان ٻڌايو ته پوءِ ڇا ٿيو؟

**آمنه اظفر**

**سنڌيءَ ۾ ترجمو**

**عطيه دائود**

**نوٽ نظم جو پهريون بند جوبيٿ نڪولس جي نظم جو ترجمو آهي.**

[Windsong by Judith Nicholls].